مبينا طور غلط آپريشن سبب نوجوان عورت فوت، وارثن جو ٽاٽي ۾ اسپتال اڳيان احتجاجي مظاهرو

اسپتال انتظاميان پاران فوري آپريشن جو چيو ويو ۽ وارثن کي ڊيجاري پتي جو آپريشن ڪيو ويو

آسان غريب ۽ مسڪين آهيون، فوري طور نوٽيس وٺي قاتل ڊاڪٽرن کي گرفتار ڪري سزا ڏني وڃي : مظاهرين

ڪراچي(رپورٽ باغي ساگر پنهور) گلشن حديد جي نجي اسپتال عائشہ جنرل ڪوس گهر بڻجي وئي، مبينا طور غلط آپريشن سبب نوجوان عورت فوت ٿي وئي، ورثن جو ٽاٽي ۾ اسپتال اڳيان لاش رکي احتجاجي مظاهرو ڪيس داخل. تفصيل موجب ڪجهہ مهينا اڳ گهگهر جي رهواسي عابد علي ميمڻ جي نوجوان گهر واري جي طبيعت خراب ٿي جنهن کي عائشہ اسپتال آندو ويو ا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

- سکر ۾ مچر مار اسپري لاءِ بسترڪٽ هيلٿ آفيس مان مليل زهريلي دوا زمينن ۾ استعمال ٿيڻ جو انڪشاف

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ضلعي ۾ مچر مار اسپري لاءِ بسترڪٽ هيلٿ آفيس مان مليل زهريلي دوا (لمدا) زمينن ۾ استعمال ٿيڻ جو انڪشاف. سکر جي نندن تورڙي وڏن شهرن سميت ڳوٺن ۾ اسپري نہ ٿيو مچرن جي آزار ۽ ملياريا سبب عوام پريشان. احتجاجن باوجود ضلعي انتظاميہ مجرماڻہ طور خاموش تفصيل مرحب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪراچي : فوتي عورت جا وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

ميرو خان ۾ ڪشميرين تي پارٽي قبضي ۽ عوام مٿان ٽينڈڙ ظلم جبر خلاف احتجاجي ريلي

ريلي ۾ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول جي شاگردن اين جي اوز جي نمائندن ۽ سماجي ڪارڪنن جي پرپور شرڪت

پارٽ 76 سالن کان ڪشمر مٿان غير قانوني قبضو ڪري عوام جي آزادي واري فطري حق کي ڊهائي رهيو آهي : اڳواڻ

آسان ڪشميري عوام مٿان پارٽي حڪومت پاران ٽينڈڙ ظلم جبر ڏاڍ ۽ ناجائزين خلاف پنهنجو آواز بلند ڪندا رهنداسين

ميروخان(رپورٽر) ميرو خان ۾ ڪشمير تي پارٽي قبضي ۽ عوام مٿان ٽينڈڙ ظلم جبر خلاف استحڪشمر جي اڳواڻي ۾ ريلي سخت نعريبازي. 27 آڪٽوبر 1947ع تي پارٽ طرفان ڪشمير تي ڪيل قبضي کي 76 سال مڪمل ٽين تي سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ جي رهواسي محمد وارث ٽنگڙي ڪورٽ اندر پيچي پنهنجي جان بچائي ورتي. ٽنڈو باگو ٽائي تي اعظر ٽنگڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور پوليو مهم جو آغاز ڪري ڇڏيو

327582 ٻارن کي انسداد پوليو جا قطرا پيارڻ جو تارگيٽ مقرر ڪيو ويو آهي : ڊي سي

60 مقرره ٽيمون گهر گهر وڃي 5 سال تائين ٻارن کي پوليو جا قطرا پياريندين

غوثپور(عبدالنبي ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور امير فضل اوسي اسسٹنٽ ڪمشنر ڪنڈڪوٽ همير احمد قريشي، اسسٹنٽ ڪمشنر تنگواني علي رضا 30 آڪٽوبر کان 3 نومبر 2023 تائين جاري رهندڙ قومي انسداد پوليو مهم جي شروعات/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

تعليم معاشري لاءِ بهتر آهي : قاضي عبدالڪبير

ايس پي او ڳوٺن ٻهراڙين واري علاقن ۾ بهترين اسڪول قائم ڪيا آهن

ڳوٺ مالهي اسڪول ٻاهريان نمر جو وڻ پوکي دعائون پٽ گهريون ويون

شڪارپور(عبدالخالق سومرو) شڪارپور جي ڳوٺ مالهي ۾ ايس پي او مڊل ايليمينٽري اسڪول مالهي ۾ مينيجنگ ڊائريڪٽر قاضي عبدالڪبير ايس اي ايف ريجنل هيڊ لاڙڪاڻو دلشاد پيرزادو شڪارپور ضلعي جو شفيق جتوئي./بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڪهارو ۾ ڪشميري عوام سان يڪجهتي طور ريلي

آسان پاڪستاني عوام پنهنجي ڪشميري پائرن سان ڳڙ آهيون : اڳواڻ

انديا جي ظلم ۽ قبضي جو عالمي دنيا ۽ اقوام متحده نوٽيس وٺي

ڪهارو(رپورٽر بشار جوڪيو) ڪهارو ۾ ڪشميري عوام سان يڪجهتي طور ريلي ڪڍي وئي.اسسٹنٽ ڪمشنر ڪهارو جي آفيس کان تائون ڪميٽي ڪهاري تائين ڪشميرين سان يڪجهتي طور ٽڪنل ريلي جي اڳواڻي اسسٹنٽ ڪمشنر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

گهارو : ڪشمير ۾ پارٽي قبضي خلاف ريلي ڪڍي پٿي وڃي

مانجهند ۾ بااثر پاران زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس جي زيادتن خلاف احتجاجي مظاهرو

حملي آور جوابدارن تي ڪيس داخل نہ ڪرڻ ۽ پوليس زيادتن خلاف پٽي برادري پاران علامتي بک هڙتال ڪئي وئي

وڏيري اختر پٽي زبردستي اسان جي 80 ايڪڙ سروي زمين تي قبضو ڪري هٿياربند ماڻهون ويهاري چڏيا آهن : مظاهرين

ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جي لاءِ ايس ايس پي کي اطلاع ڪيو آهي جيئن ئي اجازت ڏيندو تہ ڪيس داخل ڪندا سين : پوليس

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي)مانجهند ۾ بااثر پاران زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس جي زيادتن خلاف پٽي برادري جا ماڻهو احتجاج ڪري رهيا آهن. علامتي بک هڙتال سياسي سماجي ڌرين جي حمايت ڪئي. تفصيل موجب مانجهند ۾ بااثر پاران زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس جي زيادتن خلاف پٽي برادري پاران علامتي بک هڙتال/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

مانجهند : پٽي برادري جا ماڻهو احتجاج ڪري رهيا آهن

- سکر : يونين ڪائونسل 38 لونگ پٽي جي مختلف ڳوٺن ۾ ملياريا وائرس مار اسپري ڪيو ويو

سکر(بيورو رپورٽ) ضلعي ڪائونسل چيئرمين سکر سيد ڪميل حيدر شاهہ ۽ چيف آفيسر ضلعي ڪائونسل سکر سيد اڪبر علي شاهہ معصومي جي هدايتن تحت بسترڪٽ ڪائونسل آفيسر ممتاز علي ڏنور جي نگراني ۾ سنڌس ٽيم يونين ڪائونسل 36 پنٽي ۽ يونين ڪائونسل 38 لونگ پٽي جي مختلف ڳوٺن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

وارهہ ۾ 27 آڪٽوبر ڪارو ڏينهن ملهايو ويو، نعريبازي

27 آڪٽوبر 1947 تي هندستان پاران ڪشمير تي غيرقانوني طور تي قبضو ڪيو : اڳواڻ

ڪشمير جي بهادر ۽ دلير عوام گذريل 76 سالن کان قرباني ۽ شهادتن جو لازوال تاريخ رقم ڪئي

اقوام متحده جيڪو قرارداد پيش ڪيو هيو ان تحت ڪشمير ۽ ڪشميرين کي جلد از جلد آزادي ڏني وڃي

وارهہ (رپورٽ طالب حسين چانڊيو)سجي ملڪ جيان ضلعي انتظاميا قمبر شهدادڪوٽ ايت قمبر جي پاران 27 آڪٽوبر تي هندستان پاران ڪشمير تي قبضي خلاف ڪارو ڏينهن ملهايو ويو. تفصيل مطابق 27 آڪٽوبر 1947 تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

بدين ۾ ڪشميري پائرن سان اظهار يڪجهتي لاءِ

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
چنڇر 28 آڪٽوبر 2023ع

وَڊي جَنِ وِڌياسِ، وَري ويجَ ئِي سي ٽِيا؛
ٿُرتُ بَڌائُون پَتِيُون، روزِ ڪيائُون راسِ؛
هِينئڙا! تنِين پاسِ، گهارِ ته گهايَلُ نه ٽِئين.

فلسطين جي عظيم مائرن کي جنم جنم جو سلام

طفيل مگسي

آمريڪا ۽ برطانيه جي ناجائز اولاد يهودين جي طرف کان مظلوم فلسطينين تي قيامت برپا ڪري ڇڏي آهي ۽ ظلم، وحشت ۽ بربريت جو هڪ اهڙو منظر پيش ڪري رهيو آهي ته چنگيز خان، هلاڪو خان، هٽلر ۽ ميسولني جا ظلم به يهودين جي پيٽ ۾ ڏنڏلا ڏيڪ ڏئي رهيا آهن. ايستائين جو انهن ناجائز يهودين فلسطين جي پوڙهن، عورتن کي ته رت سان وهنجهاري ڇڏيو آهي بلڪ معصوم گلن جهڙن ٻڪرڙن جهڙن ٻارڙن کي به نه بخشيو ويو آهي. بلڪل اهڙي ريت جهڙي ريت حضرت موسي عليه الاسلام جي خوف کان ان جي قوم جي معصوم ٻارڙن کي ڪئو ۽ قتل ڪيو ويندو هو. جنهن سان اکيون رت جا ڳوڙها ڳاڙي رهيون آهن. فلسطين جي آبادي تي يهود و نصاري شايد اهو سمجهي ڪري قيامت جهڙي صورتحال برپا ڪئي آهي ته جيئن فلسطين وارا خوفزده ٿي ڪري پنهنجو ايمان ڇڏي ڏين ۽ يهودين جي سامهون پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏين. ليڪن باوجود اهڙي سفاڪي، بربريت ۽ وحشيت جي فلسطيني يهودين جي اڳيان بي ياررومددگار جي جنگ ۾ مصروف آهن. بقول فلسطينين جي ته، اسان الله ۽ ان جي رسول جي دين کي بچائڻ ۽ مسجد اقصي جي آزادي جي خاطر وڙهندي. ڪتجندي ۽ وڊجندي مري ويندا سين. ليڪن يهودين جي اڳيان پنهنجو ڪنڌ نه جهڪائيندا سي. چاڪاڻ ته انهن جان نثار مرد مجاهدن جنهن جهلوءِ ۾ پرورش حاصل ڪئي آهيانهيءِ جهلوءِ انهن کي حق جي خاطر قرباني ڏيڻ جي لولي سيکاري آهي. جنهن جي جهلوءِ ۾ اهي علمبردار نپيا ۽ نتيا آهن انهيءِ جهلوي واري لولوءِ انهن کي اهوئي سيکاريو آهي ته حق جي لاءِ چاهي سسيون ڏڻن کان ڌار ٿي وڃن. ليڪن پنهنجي ايمان کي پاڻ کان الڳ نه ڪجو. جنهن جهلوءِ ۾ انهن مرد مجاهدن پرورش حاصل ڪئي شهي. انهيءِ جهلوءِ سدائين شرم وحيا جو ويس اوڍي رکيو آهي. اهي ان عظيم قوم جي عظيم الفرت مائرن جي آهي. جيڪي ايترين شرم وحيا واريون هيون ته هنن صلح الدين ايوبي جهڙن مجاهدن کي پنهنجي ڪک کان جنم ڏنو. انهن جي رڳ رڳ ۾ ايمان جون سموريون خوبيون ۽ صفتيون اوتيل آهن. مان ته پل پل انهيءَ سوچ ۾ پيڙهجان ٿو ته اهي به مسلمان آهن. اسان به مسلمان آهيون. اهي به محمد مصطفي صلي الله عليه وسلم تي ڪلمو پڙهن ٿا ۽ اسان به ساڳيوئي ڪلمو پڙهون ٿا. ليڪن پوءِ به انهن جي ۽ اسان جي ايمان ۾ زمين ۽ آسمان جيترو فرق آهي؟ انهن جو ايمان ايترو مضبوط آهي؟ جيڪا قوم پنهنجو پاڻ کي ڪافر جي ٻاه کان بچائڻ جي لاءِ پنهنجي ۽ پنهنجن پيارن جي جانين جا نذرانا به ڏئي رهي آهي ته ڪهڙي به ريت سندن ايمان ۾ ترحيتري به ڪمي نه رهجي وڃي. جڏهن ته ٻئي پاسي اسان آهيون ته جيڪي پنهنجو پاڻ کي ڪافر جي پڪڙ ۾ ڦاسائي رهيا آهيون. هڪ اها قوم جيڪا ايتري وڏي جنگ کي ڏسي ڪري به ميدان ۾ بيٺي آهي. چاڪاڻ ته فلسطين جون عورتون اهي عظيم عورتون آهن. جيڪي مرڻ کي ته پسند ڪنديون ليڪن ميدان جنگ کان پوئتي نه هٽنديون.

فلسطيني جيڪي هن وقت اهڙي حالت ۾ آهن ته پٿر کان پٿرڏل به انهن جي حالتن کي ڏسي جوش وجذبي ۾ اچي وڃي ٿو. جڏهن ته اسان جا مسلمان جيڪي لڳ ڀڳ اڍائي کان ٽي ارب جي آبادي رکن ٿا. سي سواءِ گدڙ پيڪين جي ٻيو ڪجھ ڪرڻ ڪامبيوس ۽ لاچار آهن يا ائين خوفزده آهن جو هڪ ڪروڙ جي آبادي رکندڙ اسرائيل کين کي ڪنهن ازده جيان ڳڙڪائي ڇڏيندو. فلسطين تي ٽيندڙ ظلمن تي پري کان تماشبين بڻجي ڏسي رهيا آهن ته روزاني ڪيترن فلسطينين جا لاش ڪري ۽ مٽي۽ ۾ دهجي رهيا آهن. واه فلسطين تنهنجي انهن مائرن کي جنم. جنم جو سلام. هجي. جن جي ڪ کان جنم وٺندڙ فلسطيني پوڙها نوجوان يا ٻارڙا ڇو نه هجن پنهنجي رت جو ٻليدان ڏئي رهيا آهن

سي پيڪ جو ٻيو دور

تحرير: رياض ابڙو

اسان کي سمجهڻ گهرجي ته جيئن ايسٽ انڊيا ڪمپني، انگريزن جي قدم هن خطي جي لاءِ مبارڪ ثابت ٿيا هٿا اهڙي طرح دورانديش ان ڳالهه جا نتيجا اخذ ڪري سگهجن ٿا ته سي پيڪ به ڪو انقلاب پربا ڪرڻ وارو ناهي ان ڪري ته جيتريون فرمائشون سي پيڪ جون آهن ايتريون شايد ان ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ وارن به نه ڪيون هيون. اهو به ڏسون ته شروعاتي دور ۾ انگريز سرڪار رڳو پنهنجا لاجسٽڪ (هٿيار) محفوظ طريقي سان پهچائڻ لاءِ سلطنت جي پئيسي مان ريل جون پٽڑيون وڇايون ته جيئن سڪون سان، آرام سان ۽ حفاظتي طريقن سان انگريز سرڪار جون سرڪاري شيون آنديون ۽ نيون وجن (پوءِ ريل جو سفري نظام جڙيو اها الڳ ڳالهه آهي). ظاهر ۾ اسان کي ائين لڳندو آهي ۽ تاريخي شاهدين مان به اها ڳالهه سمجهي سگهجي ٿي ته انگريز سرڪار ايڏي پازيٽوهئي پر باطني عملن ۾ اهي هن خطي جي ترلين ڊالر ٽيڪس جا حقدار بڻجي ويا هيا، اوڳاڙي ڪٿي ويندا هيا.

بهرحال اسان ته موازنو ٿا ڪيون ته ايسٽ انڊيا ڪمپني ڪيئن هتي پير جمايا ۽ سي پيڪ اسان جي لاءِ ڪهڙا با غ باغيچا هٽندو ان ڳالهه جو ثبوت ۽ مثال اسان وري به سريلنڪا جي بحري اڈي همبانٽوٽا جوئي وٺنداسين جيڪي پنهنجي بحري اڈي کي گروي رکڻ کانپوءِ سريلنڪا وارا چائنا جي وياج ۾ ايترو ته ڏهڪي ويا جو ان مان جان ڇڏائڻ جو واحد حل اهيو هين ته اهو چائنا کي ڏئي ڇڏن ۽ آخرڪار ڏڻن ٻ. بهرحال هاڻي بيجنگ جي سيڙپڪاريءَ واري بورڊ ۾ نيشنل ڊولپمينٽ اينڊ رفارم ڪميشن آف پاڪستان وري هڪ دستاويز تي صحيون ڪيون آهن جنهن تحت صنعتن جي سيڙپڪاري هاڻي چائنا جي هٿ وس هوندي جنهن ۾ سي ڪان پهرين ڪاٽن انڊسٽريز تي سيڙپڪاري ڪندو (جنهن جا مالڪ اهي چيني ئي هوندا) جنهن جي لاءِ اسپيشل اڪانومڪ زون ٺاهي ڇڏيا ائن. ان ڪري ته سيڙپڪار ئي مالڪ هوندا ۽ پئسو به انهن جو ۽ ڪمائي به انهن جي ان ڪري گروي رکڻ ڪان وري هي ٻئي درجي جي ادارن جي ڪپائڻ جي مهر هوندي، ادارا خانگائڻ واري عمل ۾ هي هاڻي ٿوري ڊر ڪندا. اهي به چائنا جي ڪمپنين کي ڏيندا ويندا ان ڪري ته نه هنن ڪان ملڪ ٿو هلي نه هنن ڪان ادارا ۽ نه ئي ڪمپنيون ان ڪري صنعتي ڇار به هاڻي چائنا وڃائيندو ۽ ڪمائيندو به چائنا. (عارضي وزيراعظم جو دور به ان ڳالهه جي پڪ آهي ته هي پلي ڪر تي زور ڏين ۽ پلي عارضي سرڪار به هجي انهن کي ڪير جهلڻ وارو ناهي).

اها ٻي ڳالهه آهي ته بلوچستان جي حالتن خراب ٽيڻ ڪانپوءِ چائنا جي نئين فرمائش اها به آهي ته سي پيڪ جي روٽ کي تبديل ڪري گوادر کان ڪراچي جو رستو ۽ ٻيو ٻي پلان تحت ڪراچي کان وري وڏن شهرن رستي وڃي چائنا کي ملائڻ هوندو. ان ڪري ته وڏن شهرن ۾ لائيف انڊيڪس ٻين شهرن، ڳوٺن کان مڙئي ڪجهه درجا بهتر آهي جو اتي بجلي، پاڻي، روڊ رستا، اسپتالون، پوليس، ٻيا قانون لاڳو ڪندڙ ادارا وغيره هر وقت موجود رهن ٿا، ڊيوٽي پزير هوندا آهن ۽ سي پيڪ جي عملي، ان امپورٽ، ايڪسپورٽ جي "ڪانواءِ" کي ڪنهن به طرح، طريقي جي ڪا به تڪليف ۽ ڏڪيائي پيش نه ايندي. ان ڪري رستي جي نقصان جنهن ۾ ڏاڙا، ڦرون، ڪانواءِ کي نقصان، غير ملڪي ماڻهن کي هراسان ڪرڻ، سندن مال بردار گاڏين جي ڦرمي وڃڻ جي خطري ۽ ان کانپوءِ چائنا جي ساک کي پهتل نقصان جو ازالو شايد اسان نه ڪري سگهون. ان ڪري چائنا هاڻي ان ڪم ۾ تيزي آڻيندو ۽ پنهنجن سيڙايل اربين ڊالر جو فائدو به وٺندو، ان ڪري پلان ٻي زبردست هوندو.

هاڻي ملڪي صورتحال ڪٿي ڏڪيري ٽيندي ٽي وڃي ۽ ان ڪري بلوچستان جون حالتون به خراب ٽيندیون ٽيون وڃن جن جي خراب ٽيڻ جي ڪري پلان اي بگڙي سگهجي ٿو. جنهن ۾ غيرملڪي هٿ شامل آهن (جن کي اسان جا اندروني هٿ را، موساد، سي آءِ اي وغيره وغيره چوندا آهن. بهرحال) پر عمران خان جي چئن ڏينهن جي دوري (19 اپريل، 2019) مان هَڏَ حاصل اها به هئي ته اتان جي سيڙپڪارن جي لاڙي سان گڏ ۽ انهن جي نيڪ ارادن جي نسبت وري پاڪستاني اڳ ۾ ناهيل، هلندڙ نظامن ۽ اپائن کي به ڏسڻو هيو ته اهي ڪيئن ٿا استعمال ڪري سگهجن ۽ سي پيڪ جي پروگرامن کي هر صورت ڪامياب به ڪري سگهجي. ان ڪري ته گروي رکجندڙ ادارا، ملندڙ قرض ائين به ته ناهن ته اهي رائگان هليا وڃن ۽ سيڙپڪار (چائنا) ڪجهه به حاصل نه ڪري سگهي، ان ڪري انهن جي هر ڳالهه کي ترجيح ڏيڻ ضروري آهي ته جيئن سيڙپڪار جي دولت رائگان نه وڃي.

بهرحال اسان ته موازنو ٿا ڪيون ته ايسٽ انڊيا ڪمپني ڪيئن هتي پير جمايا ۽ سي پيڪ اسان جي لاءِ ڪهڙا با غ باغيچا هٽندو ان ڳالهه جو ثبوت ۽ مثال اسان وري به سريلنڪا جي بحري اڈي همبانٽوٽا جوئي وٺنداسين جيڪي پنهنجي بحري اڈي کي گروي رکڻ ڪانپوءِ سريلنڪا وارا چائنا جي وياج ۾ ايترو ته ڏهڪي ويا جو ان مان جان ڇڏائڻ جو واحد حل اهيو هين ته اهو چائنا کي ڏئي ڇڏن.

بنهي ملڪن جي ان ڳالهه تي وڏو زور آهي ته سي پيڪ هلي ۽ ڪم ۾ تيزي اچي ۽ ايندڙ ٻن سالن تائين جتي سي پيڪ جا روڊ رستا ٺهي پون اتي صنعتي ڇار به وڌندو رهي. ان ڪري ته چائنا جي سيڙپڪاريءَ جو لاب اڃان تائين چائنا کي نظر نه ٿو اچي (اها ٻي ڳالهه آهي ته نوڪريون، روزگار ملندا پر ملڪ ۾ صنعتون هٽن مان ويندیون ۽ زمين پيرن هيٺان ڪسڪي هلي ويندي. ان ڪري ته مزدوري ڪري پوءِ ملڪ جي مالڪيءَ جي دعوي نه ٿي ڪري سگهجي. اهو ائين هوندو ڇڻ ماڻهو پنهنجي ملڪ ۾ به ويزا تي ڪم ڪن. ڇو ته مالڪي ته اسان جي ماڻهن جو نه هوندي)، اهو ٻيو بحث ٿي پوندو جنهن ۾ سڪو رائج الوقت ۽ هولي، مارڪيٽ لينگئيج چا ٻيهندي. ان ڪري ته جتي چائنا وارا انگريزي ڳالهائڻ پسند نه ٿا ڪن اتي اسان جو هولين چا ڪندیون.

بهرحال اسان به چاهيون ته سي پيڪ هلي ۽ چائنا جا لڇل پئيسا سجايا ٿين ان ڪانپوءِ زرعي سيڪٽر به شايد انهن چائنا وارن جي مرهون منت ترقيءَ جي راه تي اچي رجي ۽ اهي ئي اسان ڪي ڏسن ته جديد زراعت ڪيئن ٽيندي آهي، ڪلرائي زمين ڪيئن آباد ڪجي، گهٽ پاڻيءَ تي گهٽا فصل ڪيئن ڪجن، ڪجهه ٻيو ڇو ته اسان ته انگريزن کان زمينون ورتيون هيون پر هاڻي ته سي پيڪ ۾ وري موتائي چائنا کي لکي ٿا ڏيون، اهي ئي گروي ٿا رکندا ٿا وڃن. بس فرق اهو آهي باقي ٻيون ڳالهيون وري ساڳيون هوندیون. ان ڪري 1857، 1842 ڪانپوءِ 1947 آيو. شايد هن خطي جي تاريخ وري هن ايندڙ 47 ۾ ڪا ٻي هجي، ٽي پئي ان ڪري ته اسان جي حڪمران ڪٽي دور انديش نه هجن پر جيڪي بيروني قوتون هنن کان ڪم ٽيون وٺي، ڊالر ٽيون ڪارائن انهن جو "رِجَن" ۽ نظر ڪا ٻي آهي.

بهرحال اسان ته موازنو ٿا ڪيون ته ايسٽ انڊيا ڪمپني ڪيئن هتي پير جمايا ۽ سي پيڪ اسان جي لاءِ ڪهڙا با غ باغيچا هٽندو ان ڳالهه جو ثبوت ۽ مثال اسان وري به سريلنڪا جي بحري اڈي همبانٽوٽا جوئي وٺنداسين جيڪي پنهنجي بحري اڈي کي گروي رکڻ ڪانپوءِ سريلنڪا وارا چائنا جي وياج ۾ ايترو ته ڏهڪي ويا جو ان مان جان ڇڏائڻ جو واحد حل اهيو هين ته اهو چائنا کي ڏئي ڇڏن.

استيئرنگ ڪميٽيءَ آڏو پاڪستان اسٽيل ملز بابت اهم انڪشاف

ڪنهن به ملڪ ۾ روزگار هميشه ادارا قائم ڪرڻ سان پيدا ٿيندو آهي، نه ڪي ادارا وڪڻڻ سان. پر منتظمين جو طريقءِ واردات اهو رهندو آيو آهي ته پهرين ڪنهن به اداري ۾ بدانتظامي ۽ ملازمن جي گنجائش کان وڌيڪ پرتيين ذريعي ان کي تباهه ڪيو ويندو آهي ۽ پوءِ وري ان تي "براءِ فروخت" جي تختي لڳائي، نجڪاري جي نالي ۾ ان کي وڪرو ڪري نجات حاصل ڪئي ويندي آهي. هن ملڪ جي اهم ادارن سان به اها ئي ڪار ڪئي وئي آهي، جن ۾ "صنعتن جي ماءُ" سمجهي ويندي پاڪستان اسٽيل ملز پڻ آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سنڌ کي پاڪستان اسٽيل ملز جو تحفو ڏنو. روس جي سهڪار سان قائم ٿيل رڳو ان صنعتي اداري جهڙا به ادارا قائم ٿين ها ته سنڌ ۾ ڪو به بيروزگار نه رهي ها. پر هن اهم اداري کي هلائڻ جي بدران تباهه ڪيو ويو آهي ۽ حالت ان نهج تي وڃي پهتي آهي، جو بند هجڻ باوجود به ان تي اربين روپيا خرچ اچي رهيو آهي. سينيٽ جي صنعت ۽ پيداوار جي استيئرنگ ڪميٽي جي اجلاس ۾ اهو انڪشاف سامهون آيو آهي ته بند پيل پاڪستان اسٽيل ملز تي به سالياني 30 ارب روپين جو خرچ اچي رهيو آهي. جاڻايل گڏجاڻي ۾ سيڪريٽري نجڪاري ڊويزن جاڻ ڏني ته، پاڪستان اسٽيل ملز جو ڪو به خريدار ملي نه سگهيو آهي، تنهنڪري ان کي نجڪاري جي فهرست مان ڪڍي ڇڏيو آهي.

جيڪي ادارا ۽ صنعتون هن ملڪ ۾ نجڪاري جي نشاني تي رهيا آهن، انهن ۾ پاڪستان اسٽيل ملز به شامل رهندي آئي آهي. پرويز مشرف جي دور ۾ هن اهم اداري کي پُڪڙن مُٺ تي وڪرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جيڪا سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي مداخلت سبب ناڪام ٿي وئي، پر حڪومت ان جي باوجود به ورجي نه ويني ۽ ڪوششون جاري رهيون. هاڻي ته ان اهم اداري جي اها حالت ڪئي وئي آهي، جو بند پيل حالت ۾ به ان تي سالياني 30 ارب روپيا خرچ اچي رهيو آهي. اهو پڻ انڪشاف ٿيو آهي ته پاڪستان اسٽيل ملز جي خساري جي اهڙي حالت جي ڪري ان کي نجڪاري جي لسٽ مان خارج ڪيو ويو آهي. سيڪريٽري نجڪاري ڊويزن موجب، اسٽيل ملز جي بحالي لاءِ 58 ڪروڙ، 40 لک ڊالر گهربل آهن. سالياني 30 لک ميٽرڪ ٽن پيداوار لاءِ 1.4 ارب ڊالرن جي ضرورت آهي. پاڪستان اسٽيل ملز هڪ صنعتي ادارو آهي، جنهن کي هٽ وٺي تباهه ڪيو ويو آهي. هي صنعتي ادارو ملڪ جي عسڪري ضرورتن کي پورو ڪندو هو ته هزارين ماڻهن جو روزگار به هن اداري سان سلهاڙيل هو. هن وقت اهو ادارو بي لاپ بٽايو ويو آهي ۽ هر سال 30 ارب روپين جو ان تي بند هجڻ باوجود به خرچ اچي رهيو آهي. پاڪستان اسٽيل ملز جي گهٽي زمين پڻ آهي، جنهن تي وفاق جو نظرون آهن.

صرف اسٽيل ملز ئي نه، پي آءِ اي سان به اهوئي حشر ڪيو ويو آهي. ان کي بيل آئوٽ مڃڻ بيل آئوٽ ڏنا ويا پر هي اداره ان جي باوجود به صحت ۽ سگهائي کان پري رهيو ۽ هاڻي ان کي وڪرو ڪرڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن. هونئڻ ته ائين هجڻ گهرجي ها ته ڪو به ادارو جيڪڏهن خساري ۾ آهي ته حڪومت کي ان جي خساري پوري ڪرڻ جي لاءِ گرانٽ نه ڏيڻ گهرجي پر ان اداري جو بزنس واليوم يا آپريشن وڌائڻ گهرجي. پي آءِ اي کي به نوان جهاز خريد ڪرڻ لاءِ ڊگهي مدي وارو قرض ڏيڻ گهرجي ها. بين الاقوامي فائنانسنگ جو انتظام ڪرائي ڏنو وڃي ها، پر ائين نه ڪيو ويو ۽ انهن جي نيت ته قومي ايئرلائنز کي وڪرو ڪرڻ جي رهندي آئي آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ادارن کي تباهي جي ڪناري تي پهچائي وڪڻڻ بدران انهن کي هلائڻ جي اهليت پيدا ڪئي وڃي، چو ته ادارا ڪي رات وچ ۾ ناهن ٺهندا. انهن تي وقت سان گڏ عوام جي ٽيڪسن جو ناٽو خرچ ٽيندو آهي ۽ ان لاءِ ڪنيل قرض به عوام کي ئي پرٽو پوندو آهي.

بقايا 01
جي ڪيس خارج ڪرڻ بابت درخواست به رد ڪئي. سائفر ڪيس بابت آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ تحت قائم خاص عدالت پهريان ئي پي ٽي آءِ چيئرمين جي ضمانت جي درخواست رد ڪئي هئي جنهن خلاف پي ٽي آءِ چيئرمين اسلام آباد هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪيو هو 16 آڪٽوبر تي فيصلو محفوظ ڪيو هو. ياد رهي ته گذريل ڏينهن اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي سائفر ڪيس ۾ ٽرائل روڪڻ واري درخواست رد ڪندي فرد جرم لاڳو ڪرڻ خلاف درخواست هدايتن سان اڪلائيندي چيو هو ته پي ٽي آءِ چيئرمين کي شفاف ٽرائل جو حڪم ڏنو وڃي، پي ٽي آءِ چيئرمين هن وقت سائفر ڪيس ۾ جوڊيشل رمانڊ تي جيل ۾ آهي.
بقايا 02
خلاف آيل شڪايتن جو جائزو ورتو ويو. ڏينهن موجب، سپريم جڊيشل ڪائونسل شڪايتن تي جسٽس مظاهر نقوي ڪي شوڪاز نوٽيس جاري ڪندي ڪائنس ڏهه نومبر تائين جواب طلب ڪري ورتو آهي. ڏينهن جوجوڻ آهي ته جسٽس مظاهر نقوي ڪي ڪارروائي ڪليل عدالت ۾ چئلينج ڪرڻ جو اختيار به حاصل آهي، جڏهن ته جسٽس مظاهر نقوي ڪي ڪارروائي ڪليل عدالت ۾ چئلينج ڪرڻ جو اختيار به حاصل آهي، جڏهن ته جج طور استعيفيٰ ڏيڻ تي جسٽس مظاهر نقوي پنشن ۽ پين مراعتن جو حق حاصل هوندو. ياد رهي ته جسٽس مظاهر نقوي خلاف جڊيشل ڪائونسل ۾ ڏهه شڪايتون آمائين ويون هيون، شڪايتن تي قانوني راءِ ڏيڻ لاءِ معاملو جسٽس سردار طارق مسعود جي حوالي ڪيو ويو هو جسٽس طارق مسعود جسٽس مظاهر علي نقوي خلاف شڪايتن جي مڪمل جاچ پڙتال ڪئي ۽ پنهنجي قانوني راءِ جڊيشل ڪائونسل جي چيئرمين ڏانهن آمائي ڇڏي. خلاف آيل شڪايتن جوجائزو ورتو ويو. ڏينهن موجب، سپريم جڊيشل ڪائونسل ج

بقايا سنڌيار 01

وائرل ٿي آهي عورت ملازمن جو چوڻ آهي ته هو پارڪنگ ۽ واڪ ڪرڻ لاءِ ايندڙيون آهن ته چوڪيدار عاقب جاويد مختلف قسم جا هروپرو سوال ڪري تنگ ڪري رهيو آهي جنهن جي شڪايت ڪرڻ جي باوجود به ان خلاف اڃا تائين ڪا به ڪارروائي نه ٿي آهن هنن پڌاير ته گارڊ ۽ ٻين عملدارن جو رويو سلو آهي ۽ ديلي ريجز ٿي ڪر ڪندڙ عاقب جاويد هروپرو زائڻائن کي تنگ ڪندي نظر ايندو آهي بار بار چوڻ جي باوجود هو مڃڻ لاءِ تيار ناهي ان حوالي سان ريڊيو پڻ وائرل ٿي آهي جنهن ۾ هڪ عورت ملازم پنهنجي بارڙي سان واڪ ڪرڻ پارڪنگ ٿي وڃي ته چوڪيدار منع ڪيس ان ڪيس ٻڌايو ته هو هتي روز پنهنجي بارڙي سان واڪ ڪرڻ لاءِ ايندي آهي ۽ تيار ناهي ان حوالي سان ريڊيو جنهن ڪي عدنان حو سپورٽر به آهي عورت ملازمن سول ايويشن جي اعلي اختيارين کي اپيل ڪئي ته عورت ملازمن کي حراسان ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪري ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي هي هڪ قومي ادارو آهي اسان جي قوم جي پهچان آهي

بقايا سنڌيار 02

احمد سومرو جي سربراهي ۾ مين پرائمري اسڪول ڪان ٻسترڪت پريس ڪلب تائين ڪيدي وئي جنهن ۾ ٻسترڪت ايجوڪيشن آفيسر عبدالوهاب نظاماڻي، چيف ميونسپل آفيسر اعجازعلي ملاح، ايس ڊي پي او ٽنڈو محمد خان ستي محمد خان زڻڪور، ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر نعيم ميمڻ ، چائلڊ پروٽيڪشن يونٽ جي انچارج نعيم سومرو، ڊپٽي ڊائريڪٽر ايس سي ايڇ ڊي واجد علي نوتڪاڻي، ڪن علاوه تعليم، روينيو صحت، سماجي پلاڻي، اطلاعات ڪاتي جي عملدارن، غيرسرڪاري تنظيمن، سميت استان شاگردن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن وڏي اڇ ۽ شرڪت ڪئي ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن ڪشميرين تي ٽنڈو پارٽي ظلم ۽ جبر خلاف تعريبازي ڪئي ۽ ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته ڪشمير هڪ ڏينهن پاڪستان ٻڌڻي ويندو. ريلي کي خطاب ڪندي استنت ڪمشنر نعيم احمد سومرو چيو ته اڄوڪو ڏينهن ڪشميرين تي پارٽي ناهي ان حوالي سان ريڊيو پڻ وائرل ٿي آهي جنهن ۾ هڪ عورت ملازم پنهنجي بارڙي سان واڪ ڪرڻ پارڪنگ تي وڃي ته چوڪيدار منع ڪيس ان ڪيس ٻڌايو ته هو هتي روز پنهنجي بارڙي سان واڪ ڪرڻ لاءِ ايندي آهي ۽ تيار ناهي ان حوالي سان ريڊيو جنهن ڪي عدنان حو سپورٽر به آهي عورت ملازمن سول ايويشن جي اعلي اختيارين کي اپيل ڪئي ته عورت ملازمن کي حراسان ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪري ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي هي هڪ قومي ادارو آهي اسان جي قوم جي پهچان آهي

بقايا سنڌيار 03

مختلف سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن پاران وڏي تعداد ۾ ڪشميري پائرن سان اظهار يڪجهتي تحت مختلف ريليون ڪڍيون ويون، تفصيل موجب آج ضلعي ڪشمير ايٽ ڪنڊڪٽ ۽ ضلعي انتظاميه ۽ سياسي سماجي تنظيمن پاران ڪشميري پائرن سان اظهار يڪجهتي ڪرڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر فضل امير ايوسي جي هدايتن تي ايڊشنل ڊپٽي ڪمشنر ون جي سربراهي هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس کان سول اسپتال تائين ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ شريڪ ٽينڊ مائهن بينر ۽ پلي ڪارڊ کني ڪشمير ٽينڊ پاڪستان ، پاڪستان زنده باد ، پاڪ فوج زنده باد ۽ پارٽ پاران ڪشميري عوام تي ٽينڊ ظلم ۽ ڏاڍ خلاف نعرا هنيا ۽ پاڪستان ۽ ڪشمير جو جهنڊو پڻ ڦڙڪايو. ريلي ڪي ايڊشنل ڊپٽي ڪمشنر ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته 27 آڪٽوبر 1947ع تي پارٽ طرفان غير قانوني طور تي ڪشمير تي قبضو ڪري ڏنڊي ۽ گولي جي زور تي وحشت ۽ دهشتگردي جا سمورا ليڪا لتاڙي مظلوم ڪشميري عوام سان غير انساني سوڪ ظلم جبر جاري آهي هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته ڪشمير جي ڌرتي تي اتان جي عوام جي رهواسين جي آزادي واري قطري حق کي پارتي حڪومت پاران ظالمانا هٿڪنڊا استعمال ڪري ختر ڪرڻ واري ڪوششن تي ڪڏهن خاموش نه ٽينداسين اسين ڪشميري عوام جي حق خد ارادیت لاءِ سياسي سفارتي ۽ اخلاقي حمايت جاري رکنداسين ڪشميري شاگردائين سميت عام شهرين پاران وڏي اڇ ۽ شرڪت ڪئي وئي ۽ ريلي ۾ ڪشميرين جي حق ۽ زوردار نعرا هنيا ويا، ان موقعي ته ريلي ۾ شريڪ مائهن جو چوڻ هو ته هو اڄ پنهنجي مظلوم ڪشميرين سان يڪجهتي طور هي ريلي ڪڍي ڪشميري عوام کي اهو پيغام ٻڌڻ ته پاڪستاني عوام پنهنجي ڪشميري پائرن سان گڏ آهي . ڪشميري عوام تي انڊيا جي ظلم ۽ قبضي جو عالمي دنيا ۽ اقوام متحده نوٽيس ورتو ريلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر سميت سموري دنيا خاموش بٽيل آهي جيڪا نهايت ئي افسوس جهڙي ڳاله آهي اسان پنهنجي رت تي آخري ڦوٽي تائين به ڪشميري عوام مٿان پارٽي حڪومت پاران ٽينڊ ظلم جبر ڏاڍ ۽ ناجائز ين خلاف پنهنجو آواز بلند ڪندا رهنداسين

بقايا سنڌيار 35

مختلف سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن پاران وڏي تعداد ۾ ڪشميري پائرن سان اظهار يڪجهتي تحت مختلف ريليون ڪڍيون ويون، تفصيل موجب آج ضلعي ڪشمر ايت ڪنڊڪوٽ ۾ ضلعي انتظاميه ۽ سياسي سماجي تنظيمن پاران ڪشميري پائرن سان اظهار يڪجهتي ڪرڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر فضل امير ايوسي جي هدايتن تي ايڊشنل ڊپٽي ڪمشنر ون جي سربراهي هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس کان سول اسپتال تائين ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ شريڪ ٽينڊ مائهن بينر ۽ پلي ڪارڊ کني ڪشمير ٽينڊ پاڪستان ، پاڪستان زنده باد ، پاڪ فوج زنده باد ۽ پارٽ پاران ڪشميري عوام تي ٽينڈ ظلم ۽ ڏاڍ خلاف نعرا هنيا ۽ پاڪستان ۽ ڪشمير جو جهنڊو پڻ ڦڙڪايو. ريلي ڪي ايڊشنل ڊپٽي ڪمشنر ڪنڊڪوٽ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته 27 آڪٽوبر 1947 ۾ پارٽ پاران ڪشميرتي غير قانوني قبضو ڪيو جنهن جي اسان اڄ تائين مذمت ڪندا آهون ٿا ۽ هن ڏينهن کي يوم سياه طور ملهائيندا آهون ٿا اسين پوري دنيا کي پڌائڻ ٿا چاهيون ته ڪشمير جي اٽوٽ حصو آهي جيڪو انشاءالله جلد از جلد حاصل ڪري ونداِ. ڪشمير پاڪستان جي شہ رگ آهي جيڪو پاڪستان جو ٽي پاڻ جاري آهي هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته ڪشمير جي ڌرتي تي اتان جي عوام جي رهواسين جي آزادي واري قطري حق کي پارتي حڪومت پاران ظالمانا هٿڪنڊا استعمال ڪري ختر ڪرڻ واري ڪوششن تي ڪڏهن خاموش نه ٽينداسين اسين ڪشميري عوام جي حق خد ارادیت لاءِ سياسي سفارتي ۽ اخلاقي حمايت جاري رکنداسين ڪشميري شاگردائين سميت عام شهرين پاران وڏي اڇ ۽ شرڪت ڪئي وئي ۽ ريلي ۾ ڪشميرين جي حق ۽ زوردار نعرا هنيا ويا، ان موقعي ته ريلي ۾ شريڪ مائهن جو چوڻ هو ته هو اڄ پنهنجي مظلوم ڪشميرين سان يڪجهتي طور هي ريلي ڪڍي ڪشميري عوام کي اهو پيغام ٻڌڻ ته پاڪستاني عوام پنهنجي ڪشميري پائرن سان گڏ آهي . ڪشميري عوام تي انڊيا جي ظلم ۽ قبضي جو عالمي دنيا ۽ اقوام متحده نوٽيس ورتو ريلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر سميت سموري دنيا خاموش بٽيل آهي جيڪا نهايت ئي افسوس جهڙي ڳاله آهي اسان پنهنجي رت تي آخري ڦوٽي تائين به ڪشميري عوام مٿان پارٽي حڪومت پاران ٽينڈ ظلم جبر ڏاڍ ۽ ناجائز ين خلاف آواز بلند ڪندا رهنداسين

بقايا سنڌيار 36

aهندستان پاران ڪشمير تي قبضي خلاف سڄي ملڪ جيان ڀٽي ڪمشنر ڪنڊڪوٽ سجاد شهداڪوٽ سجاد حيدر قادري جي اڳواڻي ۾ گورنمينٽ ٻوائر هاءِ اسڪول قمبر وايا پتو چوڪ کان ايوان صحافت قمبر تائين ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ ضلعي پر مان وڏي تعداد ۾ ڪشميري پائرن سان اظهار يڪجهتي تحت مختلف ريلين ڪڍيون ويون، تفصيل موجب آج ضلعي ڪشمرز ايت ڪنڊڪوٽ ۾ ضلعي انتظاميه ۽ سياسي سماجي تنظيمن پاران ڪشميري پائرن سان اظهار يڪجهتي، لاءِ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو، ان سلسلي۾ مونسپل اسٽيديمڪان پريس ڪلب تائين اڳاهي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ سرڪاري تنوڙي غيرسرڪاري آفيسرن، استادن، شاگردن سول سوسائٽي سميت پين مائهن وڏي اڇ ۽ شرڪت ڪئي، جڏهن ڀٽي ڪمشنر سڪر ايئر فورس هيڊ ڪوارٽر ۾ ايئر فورس جي آفيسرن ۽ جوانن سان ملاقات ڪري رهيو هو ته ڪشمير جي آزادي جي حوالي سان ڳالهائيندي چيو ته اسين ڪشميري عوام جي حق خد ارادیت جي حمايت ڪندا رهنداسين ۽ ڪشمير جي آزادي تائين اسين چين ۽ پاڪستان جي ڀرسان بيٺل آهيون، ڪشمير جي آزادي لاءِ ڪيل قربانين کي ڪڏهن به وساري نه سگهبو آهي، هو سڪر سميت سڏ جي مائهن جو آواز هو ان جي قاتلن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آڻڻ تمام ضروري آهي جيستائين قاتل گرفتار نه ٽينداِ سڪون سان نه ويندا سين هن چيو ته صحافين جي احتجاجي تحريڪ ۾ پاڻ کي ان جو حصو سمجهان ٿو، ان لاءِ اڄ مان ايس ايس پي سڪر سان اڄلاس ڪري قاتلن کي جلد از جلد گرفتار ڪرڻ ۽ سندس وارثن سان مڪمل سهڪار جي خاطري ڏيڻ لاءِ ڪلاڪ جو ڪم ڇڏي ڪچهري ڪئي ۽ ڪيس جي تفصيل کان واقف ڪيو، ڪچهري دوران ايس ايس پي سڪر سان اظهار افسوس ڪ